**ڊاڪٽر الطاف جوکيو**
استاد، سنڌي شعبو،
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو

# عربي- سنڌي آئيويتا جي اکرن جا اچاري نالا ۽ معياري لهجو

# AN ISSUE OF LOGOGRAM AND SYLLABOGRAM OF ARABIC-SINDHI ALPHABET AND ITS STANDARD DIALECT.

**Abstract**

Recently, Pakistan Reading Project had to sign a contract with Sindhi Language Authority for Alphabetical Sounds. To determine the accuracy of sounds PRP declared a committee comprising of three members Dr. Ghulam Ali Allana, Dr. Altaf Jokhio and Mr. Idrees Jatoi. First meeting was called on 9th September, 2017, and 2nd meeting along with extended members was called on 20th October 2017. The issue was highlighted from the released sounds by Sindhi Language authority that what preferred form should be the logogram of letters; such as:, سين، شين، عين and .غين The authority released sounds as الفَ, سينَ، شينَ، عينَ and غينَ Diacritical mark Zabar at the end of the consonant); whereas according to the Utradi and Wicholo/ Sahiti Dialect the above mentioned logograms are pronounced as: الفُ، سينُ، شينُ، عينُ and غينُ Diacritical mark Pesh at the end of the consonant . The 2nd meeting was concluded over the matter resulting Dr. Allana making an opinion that according to last sound of logogram in Wicholo Dialect may be considered as standard and preferred. In this paper, a study is brought forward according to the last sound of logogram.

## اڀياس جو پس منظر

دنيا جي مڙني ٻولين ۾ ڳالهائڻ جي نسبت مختلف لهجا (Dialect) هوندا آهن، جيڪي اصل ۾ ان ٻوليءَ جي سونهن سڏبا آهن. سنڌي ٻوليءَ جا ڪل پنج لهجا (Dialects) آهن، باقي ٻوليءَ جا ڦيرا (Variations) ان جا اُپلهجا (Accent) ۽ وري ان جي اندر ذاتين يا ماڻهن نسبت ڦيرا وري ذاتي لهجا (Idiolects) سڏبا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي نفاست ۽ لفظن ۾ آوازن (Phonemes) جي بقا لاءِ هڪ معياري

لهجو (Standard Dialect) مقرر ٿيل آهي. ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، پروفيسر علي نواز جتوئي وغيره جي لکڻين ۾ ’ساهتي پرڳڻي‘ جي ٻولي ’وچولو‘ يا ’معياري لهجو‘ قرار ڏنل آهي. ظاهر آهي ته اهڙي ڳالهه تاريخي، علمي ۽ ادبي اڀياس بعد ڪئي ويندي آهي.

حقيقت ۾ تاريخي، علمي ۽ ادبي لحاظ کان ’ساهتي پرڳڻو‘ سنڌي ٻوليءَ جو وچولو ۽ معياري لهجو تصور ڪيو ويو آهي. هن ۾ ڪنهن کي گهٽ يا وڌ چوڻ جو ڪو تصور ئي ڪونهي؛ پر ڪافي عالمن ۽ اديبن تي ڏکيو ٿو گذري.

اها ڳالهه مسلّم آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا سڀ لهجا اسان لاءِ محترم آهن، ليڪن جڏهن ’معياري لهجي‘ جي ڳالهه اچي ٿي ته ان وقت غير جانبداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي؛ اهو اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي نفاست جو معاملو آهي.

سماجي لسانيات پٽاندر تحقيق مان حيدرآباد يا آسپاس جي ٻوليءَ ۾ آخري ڇوٽي سُر (last Short Vowel) جي ٻي حسي نوٽ ڪئي وئي آهي. آخري سُر جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جي شمارياتي تحقيق اهم آهي، جنهن ۾ صاحب موصوف آخري سُر جي ڪِرڻ ۽ هُجڻ جي حوالي سان نتيجةً ڄاڻائي ٿو ته: ”ٻيو لسانياتي ڦرڦو جيڪو رڪارڊ ڪيل گفتگوءَ جو تجزيو ڪرڻ وقت ثابت ٿيو، اهو هو لفظ جي آخر ۾ ايندڙ ننڍو سر، خاص طرح اسمن: سِرَ، مَکِ، مَسُ، نَڪُ ۽ واٽُ وغيره ۾. هيءَ ڦرڦو ٻن ڦيرن جي صورت ۾ سامهون آيو هڪ لفظ جي آخر ۾ ننڍي سُر جي موجودگي ٻيو غير موجودگي.“ (1)

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي صاحب واري تحقيق ’ٻوليءَ ۾ ڦير گهير/ تبديليءَ جي اڀياس لاءِ لسانياتي ڦرڦن جي چونڊ‘ ان حوالي سان قابل ذڪر آهي؛ جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته ”سرَ ڪيرائڻ يا نه اچارڻ واري عادت لاسيءَ ۾ ايتري عام نه آهي جيتري ڪڇي يا لاڙيءَ ۾، جن ۾ آخري يا لفظ جي پڇاڙيءَ واري سر کي ڪيرائڻ جي مضبوط روايت/ رسم (Trend) آهي.“ (2)

ڊاڪٽر ٻگهئي صاحب پنهنجي تحقيق لاءِ جيڪا حد مقرر ڪئي هئي، سا هالا پراڻا کان حيدرآباد آهي. اسمن جي آخر ۾ ڇوٽن سُرن جي ڪيرائڻ ۽ نه ڪيرائڻ ۾ اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته ڊاڪٽر ٻُگهيو صاحب اڻ- سڌيءَ طرح اها ڳالهه تسليم ٿو ڪري ته: حيدرآبادي لهجي ۾ آخري سُر واري ٻي- حسي نوٽ ڪئي وئي آهي.

ان ايتري ٿلهه ٻڌڻ بعد جڏهن سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي تيار ڪيل سنڌي آئيويٽا جا آڊيو ٻڌجن ٿا، جيڪي پوريءَ سنڌ لاءِ خاص طور ۽ دنيا وارن لاءِ عمومي طور تيار ڪيا ويا آهن، ته ان جي آخري ڇوٽي سُر (Last short vowel) ۾ ڦيرگهير (Variation) نوٽ ڪئي وئي آهي. آئيويٽا جي اکري نالن (Logograms) تي ئي نظر

ڏرجي ته اها ڦير گھير هيٺين ريت سامهون اچي ٿي:

الفُ (آخري وينجن ساڪن)، جيمُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، دالِ (آخري ڇوٽو سُر زير)، ذالْ (آخري وينجن ساڪن)، سينَ (آخري ڇوٽو سُر زبر)، شينَ (آخري ڇوٽو سُر زبر)، صوادِ (آخري ڇوٽو سُر زير)، ضوادُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، طوئي (هن جي آخر ۾ ڇوٽو سر ناهي)، ظوئي (هن جي آخر ۾ ڇوٽو سر ناهي)، عينَ (آخري ڇوٽو سُر زبر)، غينَ (آخري ڇوٽو سُر زبر)، قافُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، ڪافُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، گافُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، لامُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، ميمُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، نونُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، واؤ/ واءُ (آخري ڇوٽو سُر پيش)، همزو (هن جي آخر ۾ ڇوٽو سر ناهي) (3)

مٿين اکري لفظن (Logograms) ۾ آخري سُرن جي حوالي سان هيٺيان نڪتا نوٽ ڪري سگھجن ٿا:

1. 3 (ٽي) اکري لفظ (طوئي، ظوئي ۽ همزو) اهڙا آهن جن جي آخر ۾ ڇوٽو سُر نه ٿو اچي.
2. 2 (ٻن) اکري لفظن (الف ۽ ذال) کي ساڪن (Vowelless) رکيو ويو آهي.
3. 9 (نَوَ) اکري لفظن (جيم، ضواد، قاف، ڪاف، گاف، لام، ميم، نون ۽ واؤ) جي آخر ۾ ڇوٽو سُر پيش ڪم آندو ويو آهي.
4. 2 (ٻه) اکري لفظن (دال ۽ صواد) جي آخر ۾ ڇوٽو سُر زير ڪم آندي وئي آهي.
5. 4 (چار) اکري لفظن (سين، شين، عين ۽ غين) جي آخر ۾ ڇوٽو سُر زبر ڪم آندي وئي آهي.

هي معاملو صرف سنڌي ٻوليءَ جي هڪ لهجي (Dialect) جو ناهي جو جيڪي سمجهه ۾ اچي اهو ئي درست آهي ۽ اهو ئي اپنائي ڪرڻو آهي. هتي سيني لهجن جو معاملو آهي ان ڪارڻ 'معياري لهجي' (Standard Dialect) کي ئي اهميت ڏني ويندي آهي. ان معاملي ۾ وري به اها ڳالهه سامهون ٿي اچي ته معياري لهجو ڪهڙو آهي، 'حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس' يا 'ساهتي'؟

ساهتي پرڳڻي جي تاريخي، علمي ۽ ادبي حيثيت بابت ڏسو وفاقي اردو يونيورسٽي پاران ڇپيل 'ڪارونجھر تحقيقي جرنل' ۾ ' تاريخي لحاظ کان وچولي لهجي جي حقيقت' (4)

واضح هجڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جو معياري يا وچولو لهجو 'ساهتي پرڳڻو' آهي. هي معاملو اهڙو آهي جيڪو ڪٿي نه ڪٿي پنهنجو ڪَرُ کنيو بيٺو آهي. جڏهن ان معاملي ۾ اسان غير جانبدار نه ٿا رهون ته ٻوليءَ جا بنيادي معاملا ضرور اسان لاءِ مونجهاري جو سبب بڻجن ٿا.

## مسئلي جو بيان

ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ پڙهائجندڙ آئيويٽا (Alphabet) تمام اهم ليکي ويندي آهي. آئيويٽا مان مراد ’اکرن جي ترتيب‘ هوندي آهي. اهڙي ترتيب مختلف رسم الخطن ۾ مختلف رهي آهي. ڪنهن ۾ مخرجوار ترتيب رکيل آهي تہ ڪنهن ۾ وري شڪل ۾ ٽيڪن وار رکيل آهي. ڪي تہ وري بنهہ پراڻي ’ابجد‘ وانگر بيهاريل آهن. سنڌي آئيويٽا جون بہ چند ترتيبون رهيون آهن. اهڙي ترتيب ۾ اکر جا پڻ نالا هوندا آهن جيڪي ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا: لفظي اچار وارا (Logogram)، ٻيا: پد جي اچار وارا (Syllabogram). پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ پاران سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جا تيار ڪيل آئيويٽا جي آڊيو رڪارڊن جو معاهدو ڪرٽو هو. ان جي صحت جاچڻ لاءِ سيپٽمبر 09، 2016ع تي ٽن ماڻهن جي ڪاميٽي مقرر ڪري هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي تيار ڪيل رڪارڊن ۾ ’ا، د، ذ، س، ش، ص، ع، غ‘ اکرن جا لفظي اچار (Logogram) ’اَلِفَ، دالِ، ذالِ، سينَ، شينَ، صوادِ، عينَ ۽ غينَ‘ موجود هيا. ان ۾ خاص مونجهارو اهو رهيو تہ: ’ا، د، ذ، س، ش، ص، ع، غ‘ اکرن جا لفظي اچار (Logogram) سنڌ جي اترادي ۽ ساهتي پرڳڻي ۾ ’اَلَفُ، دالُ، ذالُ، سينُ، شينُ، صوادُ، عينُ ۽ غينُ‘ ٿا اچارجن. اهڙي حالت ۾ معياري لهجي موجب ڄاڻايل اکرن جا لفظي اچار ڪهڙا هجڻ گهرجن!

## مسئلي جا سوال

مسئلي جا هيٺيان ٽي سوال اهم آهن، جن کي سامهون رکي مسئلي جو اڀياس ڪجي ٿو:

- سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪهڙو آهي؟
- ڇا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائجندڙ لفظن جو آخري وينجن ساڪن رهي ٿو؟
- اٿارٽيءَ جي تيار ڪيل سنڌي آئيويٽا رڪارڊن ۾ جڏهن ’جيمُ‘، ’گافُ‘ وغيره جو آخري وينجن ’پيش‘ سان اچارجي ٿو تہ ’سين‘، ’شين‘، ’عين‘ ۽ ’غين‘ جي آخري وينجن تي ترجيحي طور ’پيش‘ ڏجي يا ’زير‘؟
- ڇا ’د، ص‘ جي لفظي اچارن جو آخري سُر ’پيش‘ سان رکجي يا ’زير‘ ڏيڻ گهرجي؟
- ڇا اکر ’س يا ع‘ جي لفظي اچار (Logogram) ’سينَ ۽ عينَ‘ يا ’سينُ ۽ عينُ‘ مان ڪنهن بہ هڪ کي درست ۽ ٻئي کي غلط قرار ڏئي سگهجي ٿو؟

## اڀياس جو عمل

هن اڀياس ۾ بہ معاملا سامهون اچن ٿا، جيڪي هڪٻئي سان ئي سلهاڙيل

آهن؛ هڪ: وچولي لهجي جي حقيقت؛ ٻيو: اکرن جو اچاري لفظ (Logogram). اهي اهڙا علمي معاملا آهن، جيستائين انهن کي اڻ- ڌريو ٿي نہ ٿو جاچيو وڃي تہ تيستائين ڪنهن درست رستي تي اچڻ ممڪن ڪونهي. سنڌي ٻوليءَ جا ڪافي معاملا اڻ- ڌرئي (Impartial) نہ رهڻ سبب ڪٿي نہ ڪٿي سامهون ضرور اچن ٿا؛ پوءِ اهي اڳتي هلي اڻ- ڇهيل رهجي ٿا وڃن ۽ ڪافي ڪمن تي ڪم ڪرڻ جا ميدان خالي رهجيو وڃن. اهڙي معاملي کي جاچڻ لاءِ هيٺين نڪتن تي ترتيب سان ڪم ڪجي ٿو:

1. وچولي لهجي جي حقيقت
2. سنڌي لفظ جو آخري ڇوٽو سُر
3. سنڌي آئيويٽا جي اکري نالن (Logograms) جا آخري سُر

## 1. وچولي لهجي جي حقيقت

سنڌي ٻوليءَ جا موجوده صورت ۾ پنج لهجا (Dialect): اترادي، وچولو، لاڙي، لاسي ۽ ڪڇي آهن، جنهن جي اندر ٻيا اُپلهجا (Accent) لاڙڪاڻوي، شڪارپوري، خيرپوري، حيدرآبادي، ڪوهستاني، ٿري وغيره اچي وڃن ٿا. تاريخي اعتبار کان اها ڳالهہ مسلّم آهي تہ 'وچولو' لهجو سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو (Standard Dialect) آهي.

وچولي لهجي تي اختلاف رهيا آهن، بلڪ اختلاف پيدا ڪيا ويا آهن. ڪن عالمن/ اديبن جي نظر ۾ وچولو 'ساهتي پرڳڻو' آهي تہ ڪن وري 'حيدرآبادي شهري اپلهجي' کي وچولو چئي ليڪ ڪڍي ڇڏي آهي. ايترو ضرور آهي تہ حيدرآباد جي شهري ٻوليءَ کي وچولي ۾ هجڻ تي چند عالمن کي اختلاف رهيو آهي؛ جڏهن تہ 'ساهتي پرڳڻي' جي وچولي هجڻ تي ڪنهن کي بہ اختلاف ناهي؛ البت سنڌ جي هڪ 'تخليقي ادب' جي عالم، لسانيات ۾ پنهنجو نالو ڳڻائڻ لاءِ ڪجهہ ڪم ڪري اها ڳالهہ جاڻائي آهي تہ 'سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو موري کان ئل تائين آهي'. حالانڪ، ساهتي پرڳڻي جي شروعات ئي موري کان ٿيندي، جنهن ۾ پورو ضلعو نوشهروفيروز اچي وڃي ٿو.

جيڪي عالم تاريخي اعتبار کان ساهتي پرڳڻي کي وچولي ۾ شامل ڪن ٿا تن ۾ ڪاڪو ڀيرومل، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پروفيسر علي نواز جتوئي، مسٽر ڪيمچند هيراڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، محترم نصير اعجاز، مقصود گل وغيره شامل آهن. (5)

## 2. سنڌي لفظ جو آخري ڇوٽو سُر

سنڌي ٻوليءَ ۾ اها ڳالهه مسلّم آهي ته هر لفظ جو آخري وينجن (Consonant) متحرڪ رهي ٿو. ان جو اهم سبب اهو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا مؤنث- مذڪر، واحد- جمع، اسم جي فاعلي مفعولي حالت، حرف اضافت ۽ حرف جر جو مدار لفظ جي آخري ڇوٽي سُر تي منحصر آهي. ان ڪارڻ سنڌي لفظن جي آخري سُر واري ٻي- حسي معياري ٻوليءَ ۾ قابل قبول ناهي.

علمي حوالي سان اها ڳالهه به سامهون آئي آهي ته جڏهن آخري ڇوٽو سُر متجي ماقبل آخر وينجن (Second last consonant) تي بيهي ٿو ته ان صورت ۾ 'م، س ۽ ن' ساڪن رهن ٿا؛ ليڪن اها ڳالهه واضح رهي ته اهڙي ڇوٽي سُر جو ماقبل آخر وينجن (Second last consonant) تي احتياط ڪيو ويندو آهي. آخري وينجن ساڪن هجڻ جي تصور لاءِ ڏسو 'سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور' (6)

جاٽايل لئنگويج اٿارٽيءَ پاران جاري ڪيل آئيويٽا جي آڊيو ۾ ٻڌايل اکري نالن (Logograms) جا آخري وينجنَ ساڪن، زير، زبر ۽ پيش سان ڏنا ويا آهن. جنهن مان آخري ڇوٽي سُر (Last Short Vowel) جي ٻي- حسي نوٽ ڪري سگهجي ٿي.

حيدرآباد جي شهري ٻولي ۽ ان جي آسپاس ڪو الڳ سان لهجو ڪونهي، اتان جي اصل مقامي ماڻهن جي ٻولي لاڙي لهجي ۾ شمار ٿئي ٿي. موجوده صورت ۾ پوري سنڌ جا ماڻهو اتي رهن ٿا، ان ڪارڻ چند ماڻهن کي ڏسي ڪري حيدرآباد جي شهري ٻوليءَ کي وچولي ۾ شمار ڪونه ڪبو. ساهتي پرڳڻو اصولي طور تي وچولو سڏيو ويو آهي ۽ ڪنهن به عالم کي ان تي اعتراض نه رهيو آهي. ان ڪارڻ آئيويٽا جهڙن بنيادي معاملن ۾ وچولي ٻوليءَ کي ترجيح/ ڏيڻي پوندي.

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جي سماجي لسانيات هيٺ سائنسي تحقيق پٽاندر هالا کان حيدرآباد وارن جي آخري ڇوٽي سُر ۾ ڦيرو آهي. ان مان اڻ سڌيءَ طرح اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس واري ٻوليءَ ۾ آخري ڇوٽي سُر جو احتياط نه ٿو رهي.

## 3. سنڌي آئيويٽا جي اکري نالن (Logograms) جا آخري سُر

اهم ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۾ جيڪي به آواز يا لفظ ڳالهايا وڃن ٿا، تن کي ڪٿي ڪنهن به لهجي سان پيٽي غلط يا درست قرار ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ درست عمل ناهي. اهڙا معاملا يا آوازن جا تضاد لهجن ۾ هجڻ ان جي سونهن ليکي ويندي آهي، ان ڪارڻ ڪنهن به لهجي (Dialect) يا اپلهجي (Accent) جي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ تي اعتراض غير علمي عمل آهي. البت، جڏهن

صورتخطيءَ جو معاملو سامهون اچي ٿو يا پوري سنڌي ٻوليءَ تي ڪي تعليمي اسم لاڳو ڪرڻا پوندا آهن تہ ان حالت ۾ ترجيحي بنيادن تي 'معياري لهجي' کي نظر ۾ رکيو ويندو آهي. آئيويتا ۾ اکرن جي نالن لاءِ ترجيحي لفظ جي هِجي يا صورتخطي متعيّن ڪرڻ يا اپياس جي نتيجي اخذ ڪرڻ لاءِ ان معاملي سان لاڳاپيل اصطلاحن (Terms) ۾ وچولي ۾ استعمال ٿيندڙ اچاري لفظن لاءِ اصولي اپياس ڪجي ٿو.

- **آواز جي بنياد تي آئيويتا جا اکر پڙهائڻ جو رواج**

اکرن جي آوازن کي پڙهائڻ جا مختلف آئيويتائن جا مختلف ڍنگ آهن، ڪن ۾ سڀ اکر هڪ ئي سُر (Vowel) سان پڙهائڻ جو تصور آهي، ڪن ۾ سُرن (پد جي صورت ۾) ۾ لفظي اچارن ٻنهي جو تصور موجود آهي؛ ليڪن ٻنهي ڍنگن ۾ ڏيان گهٽي قدر، اڳيئين آواز تي رکيو ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ هن انداز لاءِ Acrophony جو اصطلاح ڪم ايندو آهي، جنهن جي مراد ڪنهن لفظ جي شروع جو آواز وٺي باقي حصو حذف ڪيو ويندو آهي. (7)

**Definition of** ACROPHONY

***1:*** The application in the evolution of an alphabet of a pictorial symbol or hieroglyph for the name of an object to the initial sound alone of that name

***2:*** The naming of a letter by a word whose initial sound is the same as that which the letter represents. (8)

**Definition of *acrophony* in English**

The use of a graphic symbol originally representing a word (or the object to which it refers) to denote the initial syllable or sound of that word. (9)

- **آئيويتائن جي اچارن جا ڍنگ:**

سنڌيءَ ۾: الف، ٻي، ٻي، ڀي، تي، ٿي . . .

عربيءَ ۾: الف، با، تا، ثا، جيم، حا، خا . . .

اردوءَ ۾: الف، بي، پي، تي، ٽي، ثي . . .

ديوناگريءَ ۾: ڪَ، کَ، گَ، گهہ، ڱ . . .

آئيويتا جي اچارن ۾ ٻہ ڍنگ هوندا آهن، هڪ: پد جي صورت ۾، ٻيو: لفظ جي صورت ۾؛ ان بابت هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

لفظي صورت ۾ اچار لاءِ Logogram ڪم آندو ويندو آهي، جڏهن تہ پد جي صورت ۾ اچارڻ کي Syllabogram ڪوٺيو وڃي ٿو.

**Definition of LOGOGRAM**

a letter, symbol, or sign used to represent an entire word *the ampersand and dollar sign are logograms. (10)*

**Definition of *logogram* in English**

A sign or character representing a word or phrase, such as those used in shorthand and some ancient writing systems. (11)

پد (Syllable) **جي صورت ۾ اچارڻ ڪي Syllabogram چاٽايو ويو آهي.**

**Definition of syllabogram:**

a written symbol representing a single syllable. (12)

**مٿين وصفن مان اهو معلوم ٿيو تہ آئيوبيٽا جي اکرن پڙهائڻ ۾ 'پد جي صورت ۽ لفظي اچار' ٻنهي جو بہ ميلاپ رهي ٿو.**

- **سُر** (Vowel) **سان پد جي صورت ۾ اکرن جا آواز** (Syllabogram)

**ڪي آئيوبيٽائون پدن (Syllable) جي صورت ۾ ترتيب ڏنل آهن، جيڪي هر ٻوليءَ ۾ پنهنجو نرالو مزاج رکن ٿيون: جيئن:**

- **ديوناگري: ڪَ، کَ، گَ، گهہ، ڱَ، چَ، ڇَ، جَ، ج، هَہ، ڃَ وغيره.**

ديوناگري آئيوبيٽا جا مڙئي اکر، پد جي بنياد تي ڇوٽي سر /اَ/ سان پڙهايا ويندا آهن.

- **عربي: با، تا، ثا، حا، خا، را، زا، فا، ها، يا؛**

عربي آئيوبيٽا جا 10 اکر، پد جي بنياد تي ڊگهي سُر (آ) سان پڙهايا ويندا آهن.

- **سنڌي: ٻي، ڀي، پي، تي ٽي، ٿي، پي، جي، جي، جهي وغيره؛**

سنڌي آئيوبيٽا جا 32 اکر، پد جي بنياد تي وچٽري ڊگهي سُر (اي) سان پڙهايا ويندا آهن.

- **اردو: بي، پي، تي، ٿي، حي، خي وغيره؛**

اردو آئيوبيٽا جا 14 اکر پڻ، پد جي بنياد تي سنڌيءَ وانگر وچٽري ڊگهي سُر (اي، يعني ي مجهول) سان پڙهايا ويندا آهن.

- **انگريزي: اي، بِي، سِي، ڊِي، اِي، جِي، آءِ وغيره.**

انگريزي آئيوبيٽا جا اکر، پد جي بنياد تي مختلف سُرن {اي (3)، اِي (7)، او (1)، اُو (1)، آءِ (2)} سان پڙهايا ويندا آهن.

پدن جي صورت ۾ اکرن جا اچار پڙهائڻ وارو رواج مڙني آئيوبيٽائن ۾ ڏٺو ويو آهي، البتہ ديوناگري آئيوبيٽا جو ڊنگ ٻين آئيوبيٽائن کان نرالو ان خيال کان بہ آهي جو ان ۾ ساڳئي وزن ۽ سُر سان اکرن جا اچار پڙهايا ٿا وڃن؛ جڏهن تہ ٻين آئيوبيٽائن (عربي، سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ) ۾ آوازن سان گڏ اچاري لفظ بہ اچي ٿا وڃن. (13)

- **لفظي صورت ۾ اکرن جا اچار** (Logogram)

ڪن آئيويٽائن ۾ ڪي اکر لفظي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن. انگريزي اصطلاح 'لوگوگرافيءَ' ۾ اکرن جون تصويري شڪليون بہ شامل ڪيون ونديون آهن. ان صورت ۾ عربي اکرن جي لفظي اچارن جون معنائون بہ آهن. جيئن: جيم (مست اٺ)، دال (ٿلهي عورت)، ذال (ڪڪڙ جو موڙ)، سين (ٿلهو- ڪنگهہ ۾ ورتل ماڻهو)، شين (ڊوڙندڙ ماڻهو)، نون (مڇي، مس ڪپڙي، وڻ جو ٿڙ) وغيره. (14) هيٺ مختصر آئيويٽائن جي اکرن جا لفظي اچار خيال خاطر ڏجن ٿا:

- **عربي:** الف، جيم، دال، ذال، سين، شين، صواد، ضواد، طوئي، ظوئي، عين، غين، قاف، ڪاف، لام، ميم، نون، واؤ.

  عربي آئيويٽا ۾ 18 اکرن جا اچار لفظ جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن.
- **سنڌي:** الف، جيم، دال، ذال، سين، شين، صواد، ضواد، طوئي، ظوئي، عين، غين، قاف، ڪاف، گاف، لام، ميم، نون، واو ۽ همزو.

  سنڌي آئيويٽا ۾ 20 اکرن جا اچار لفظ جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن .
- **اردو:** الف، جيم، دال، ذال، سين، شين، صواد، ضواد، طوئي، ظوئي، عين، غين، قاف، ڪاف، گاف، لام، ميم، نون، واؤ ۽ همزه.

اردو آئيويٽا ۾، سنڌيءَ وانگر ساڳيا 20 اکرن جا اچار لفظ جي صورت ۾ پڙهايا ويندا آهن.

- **انگريزي:** ايف، ايچ، آءِ، ايل، ايم، اين، ڪيو، آر، ايس، ڊبليو، ايڪس، زيڊ.

  انگريزي آئيويٽا ۾ 12 اکرن جا اچار پڙهايا ويندا آهن. (15)

تازو يو.ايس.ايڊ پاران هلندڙ 'پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ' جي ٽيم اصولي طور درست رخ وٺڻ خاطر، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران تيار ڪيل 'سنڌي الفابيٽ ۽ ان جا آواز' وٺڻ ڪارڻ هڪ معاهدو ڪرڻ گهريو. اهڙا آواز پي.آر.پي وارن ڪي سنڌ جي اسڪولن ۾ اڳتي ڪرڻا هيا. آوازن جي صحت کي چڪاسڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ترتيب ڏنائون، جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، ادريس جتوئي ۽ مون فقير کي شامل ڪيو ويو. اهڙن آوازن جي لنڪ هنن اڳواٽ موڪلي ڏني، جنهن جو اڀياس ڪيو ويو. مون جيڪي اهم ٽيڪنيڪل اعتراض واريا سي هن ريت هيا:

مٿين اکري لفظن (Logograms) ۾ آخري سُرن جي حوالي سان هيٺيان نڪتا نوٽ ڪيا ويا:

- 2 (ٻن) اکري لفظن (الف ۽ ذال) کي ساڪن (Vowelless) رکيو ويو آهي، جڏهن تہ انهن اکري لفظن جا آخري ڇوتا سُر پيش سان ٽيڻ گهرجن.
- 9 (نَوَ) اکري لفظن (جيم، ضواد، قاف، ڪاف، گاف، لام، ميم، نون ۽ واؤ) جي

آخر ۾ ڇوٽو سُر پيش ڪم آندو ويو آهي.

- 2 (ٻہ) اکري لفظن (دال ۽ صواد) جي آخر ۾ ڇوٽو سُر زير ڪم آندي وئي آهي، جڏهن تہ انهن جا آخري ڇوٽا سُر پيش سان ٺيڪ ڪپن.
- 4 (چار) اکري لفظن (سين، شين، عين ۽ غين) جي آخر ۾ ڇوٽو سُر زبر ڪم آندي وئي آهي، جڏهن تہ ان جا آخري سُر بہ پيش سان ٺيڪ گهرجن.
- عربي آواز بيشڪ اسان ڪيڻ کان قاصر آهيون، پر تنهن هوندي بہ جڏهن اهي سنڌ جي مختلف اسڪولن ۾ وڃن ٿا، ان صورت ۾ ڪي قدر فرق رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. (تہ جيئن س، ص ۽ ث وغيره جهڙن ۾ ٿورا فرق رهن، يعني ’س‘ جي آواز ۾ جيئن سيتي وجي ٿي سا ٻين آوازن ۾ نہ رهي)

سيپٽمبر 09، 2016ع تي ٻهرين گڏجاڻيءَ ۾ چند نڪتن تي ويچار ونديا ويا. ڊاڪٽر الانا ان گڏجاڻيءَ جو مک ماڻهو هيو. تنهن پڻ عربي آوازن جي نسبت ڪجهہ وضاحتون ڪيون. پي. آر. پي پاران واجد علي انتظام سنڀالي رهيو هو.

ٻي گڏجاڻي آڪٽوبر 20، 2016ع تي ٿي گذري، جنهن ۾ ڊاڪٽر الانا، ادريس جتوئي، پروفيسر سيد اڪبر شاه نمائي، اسسٽنٽ پروفيسر دلشاد ڏيٿو، امر فياض ٻرڙو ۽ پي.آر.پي جا منتورس بہ هيا. هن گڏجاڻيءَ ۾ پڻ ساڳئي معاملي تي ويچار ونديا ويا. ’سينَ، شينَ، عينَ ۽ غينَ‘ جي حوالي سان ڊاڪٽر الانا، پروفيسر سيد اڪبر نمائيءَ کان پڇيو تہ ”شاه صاحب، اوهان اهي لفظي اچار ڪيئن پڙهيا آهن؟“ نمائي صاحب وراڻيو: ”سائين، اسان پڻ ائين ئي آخري زبر سان پڙهيا آهن.“ الانا صاحب ٻين کان بہ معلوم ڪيو. ان بعد ڊاڪٽر الانا چيو تہ:

”ڊاڪٽر جوکيو ساهتيءَ جو ماڻهو آهي، سو ئي ٻوليءَ جو معياري لهجو آهي، ان ڪارڻ ڊاڪٽر جوکيي جي راءِ کي درست قرار ڏيڻ کپي.“

مون کي ان ڳالهہ جي حيرت ضرور ٿي تہ هي حيدرآبادي شهري ٻوليءَ وارا يا لاڙي لهجي وارا پنهنجا معياري ٻوليءَ جا دائرا ناهيون، ان ڳالهہ کان ونءُ ويندا آهن تہ ساهتي پرڳڻو ڪو سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو آهي. ڪافي ٻوليءَ جي معاملن ۾ جڏهن معياري لهجي نسبت، ساهتي پرڳڻي جي ڳالهہ ڪندا آهيون تہ ان کي لاڙي يا حيدرآباد جا شهري عالم يا اديب مختلف ادبي اندازن ۽ بي تڪن علمي دليلن سان رد ڪندا رهيا آهن. بهرحال، تاريخي حوالن ۽ لسانيات جي نظر سان اهڙي حقيقت کي مڃڻ تي ڊاڪٽر الانا جي وڏ جگري ظاهر ٿي.

ان بعد پي.آر.پي ان نتيجي تي پهتي تہ لئنگويج اٿارٽيءَ جا تيار ڪيل آڊيو سائونڊ، نئين سِري سان رڪارڊ ڪرايا وڃن. چند دوستن کان اهڙا آواز رڪارڊ ڪرايا ويا پر انهن ۾ ڪو دم نظر نہ آيو. مون ان لاءِ امر فياض ٻرڙي ۽ ڏرتي جوڻيجي کي وهاريو تہ اوهان اهڙا آواز اچاريو، جيڪي بهتر لڳا. بعد ۾ ٻنهي آوازن (مرداڻي ۽

| اکر | اچاري پد/ لفظ | آواز سان بيهندڙ لفظ | آواز (قدرتي زبر سان) |
|---|---|---|---|
| ا | اَلفُ | اَڪِ | اَ |
| ب | بي | بَدَڪَ | بَ |
| ٻ | ٻي | ٻَڪِرِي | ٻَ |
| ڀ | ڀي | ڀَرتُ | ڀَ |
| ت | تي | تَلاءُ | تَ |
| ٿ | ٿي | ٿَنيُ | ٿَ |
| ٽ | ٽي | ٽَماٽو | ٽَ |
| ٺ | ٺي | ٺَپو | ٺَ |
| ث | ثي | ثَوابُ | ثَ |
| پ | پي | پَڳَ | پَ |
| ج | جِيمُ | جَهازُ | جَ |
| ڄ | ڄي | ڄَڄَ | ڄَ |
| جھ | جھي | جھَنڊو | جھَ |
| ڃ | ڃي | مُڃَ | ڃَ |
| چ | چي | چَمچو | چَ |
| ڇ | ڇي | ڇَٽي | ڇَ |
| ح | حي | حَجَمُ | حَ |
| خ | خي | خَچَرُ | خَ |
| د | دالُ | دَرُ | دَ |
| ڌ | ڌي | ڌَڻُ | ڌَ |
| ڏ | ڏي | ڏَندُ | ڏَ |
| ڊ | ڊي | ڊيلَ | ڊَ |
| ڍ | ڍي | ڍَڳو | ڍَ |
| ذ | ذالُ | ذَخِيرو | ذَ |
| ر | ري | رَسو | رَ |
| ڙ | ڙي | پاڙَ | ڙَ |
| ز | زي | زَنجِيرَ | زَ |
| س | سِينُ | سَهو | سَ |
| ش | شِينُ | شَربَتُ | شَ |
| ص | صُوادُ | صَندُوقَ | صَ |
| ض | ضُوادُ | ضَعِيفُ | ضَ |

| اکر | اچاري پد/ لفظ | آواز سان بيهندڙ لفظ | آواز (قدرتي زبر سان) |
|---|---|---|---|
| ط | طُئي | طوطو | طَ |
| ظ | ظُئي | ظالِمُ | ظَ |
| ع | عَينُ | عَينَڪَ | عَ |
| غ | غَينُ | غالِيچو | غَ |
| ف | في | فَصُلُ | فَ |
| ڦ | ڦي | ڦَڙِي | ڦَ |
| ق | قافُ | قَلَمُ | قَ |
| ڪ | ڪافُ | ڪَپَهہ | ڪَ |
| ک | کي | کَٽَ | کَ |
| گ | گافُ | گَجَرَ | گَ |
| ڳ | ڳي | ڳَٺُون | ڳَ |
| گھ | گهي | گهَرُ | گهَ |
| ڱ | ڱي | سِڱَ | ڱَ |
| ل | لامُ | لَغَڙُ | لَ |
| م | مِيمُ | مَڇي | مَ |
| ن | نُونُ | نَٽَ | نَ |
| ڻ | ڻي | واڱَڻُ | ڻَ |
| و | واؤ | وَڻُ | وَ |
| ه | هي | هَرِڻِي | هَ |
| ء | هَمزو | ء | ء |
| ي | يي | يَڪتارو | يَ |

هن آڊيو الفابيٽ تاهڻ ۾ هيٺين معيارن تي ڌيان ڏريو ويو:

1. هر وينجن آواز (Consonant) کي ڪيڻ لاءِ زبر جو استعمال ڪيو ويو: ڇو تہ ڪوبہ وينجن آواز بغير سُر آواز (Vowel) جي ڪڍي نہ ٿو سگهجي، يعني ٻئي جي ڪَن تائين لرزش (Vibration) نہ ٿو ڪري سگهي. ان ڪارڻ زبر سان آواز اچارڻ کي قدرتي آواز ڪوٺيو ويو آهي؛
2. گهربل آواز سان شروع ٿيندڙ لفظ ڪوشش ڪري زبر وارا ڳولهيا ويا، جيئن: 'پِٽ جي بدران 'پَرتُ' مناسب ڄاتو ويو.
3. اهڙن لفظن جي چونڊ ڪئي وئي جن جا تصويري عڪس (Illustrations) عام ٻار لاءِ سمجهہ جوڳا هجن.

اهڙا آواز تيار ڪرڻ بعد سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کان باضابطہ پاس ڪرائڻ کان ٿين گڏجاڻي جنوري 27، 2017ع تي ٿي گذري، جنهن ۾ اٿارٽيءَ جي چيئرمين ۽ گڏجاڻيءَ جي ٻين ميمبرن اڳيان جوڙيل آواز ۽ بيهندڙ لفظ پڙهي ٻڌايا ويا، جيڪي سڀني پسند ڪيا.

## نتيجو:

1. آئيويتا جي اکرن جا نالا ٽيندا آهن، جيڪي عموماً اکر جي پهرين آواز سان سلهاڙيل هوندا آهن. هن انداز لاءِ Acrophony اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي.
2. انهن اکر جا نالا ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا: لفظي اچار سان اچارجندڙ (*logogram*) جيئن: الفُ، جيمُ، دالُ وغيره؛ ٻيا: پد سان اچارجندڙ (Syllabogram) جيئن: بي، ڀي، جي، ڏي، ڏي، في وغيره.
3. سنڌي آئيويتا ۾ همزي سوڌو *Logogram جو تعداد 20 آهي، جڏهن تہ* Syllabogram جو تعداد 32 بيهي ٿو. (ياد رهي تہ صورتخطيءَ نسبت 'همزو'، 'الف' جو هڪ روپ آهي، جيڪو صرف وينجن (Consonant) طور ڪم ايندو آهي، جڏهن تہ الف ۾ اها لچڪ آهي جو وينجن (Consonant) توڙي سُر (Vowel) طور ڪم اچي ٿو.)
4. جنهن صورت ۾ 'جيمُ'، 'گافُ' يا 'ڪافُ' اچارجي ٿو تہ 'سين' يا 'عين' وغيره جو اچار بہ آخري پيش سان ٿيڻ گهرجي.
5. 'س، ش، عين ۽ غين' *logograms* ۾ اهو معاملو سامهون آيو تہ 'سينَ' زبر سان اچارجي يا 'سينُ' پيش سان؟ ان حالت ۾ ڪاميٽيءَ اهو تسليم ڪيو تہ، جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو 'ساهتيءَ' وارو آهي، ان صورت ۾ ساهتيءَ ۾ اچارجندڙ *logograms آخري پيش سان بيهارڻ گهرجن.*


حوالا/ ذريعا:

1. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر. سنڌي ٻولي، لسانيات کان سماجي لسانيات تائين. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي. ڇاپو پهريون. 1998ع. ص: 79
2. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر. حوالو ساڳيو. ص: 81
3. http://learn.sindhila.edu.pk/alphabets/ipl .Seen on July 06, 2017
4. جوکيو، الطاف حسين. تاريخي لحاظ کان وچولي لهجي جي حقيقت، ڪارونجهر تحقيقي جرنل. ڪراچي: وفاقي اردو يونيورسٽي. شمارو: 8، سال: جون 2013. ص: 26- 38
5. جوکيو، الطاف حسين. حوالو ساڳيو. ص: 36

6. جوکيو، الطاف حسين. 'سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور'، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. جلد: 4، شمارو: 2. سال: اپريل- جولاءِ 2011. ص: 42- 95

7. صديقي، عتيق احمد۔ رسم الخط اور زبان کا تعلق۔ اردو رسم الخط (انتخاب مقالات) مرتبہ: شیما مجید۔ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان۔ سال: 1989۔ ص: 382

8. https://www.merriam-webster.com/dictionary/acrophony ,seen on July 06, 2017

9. https://en.oxforddictionaries.com/definition/acrophony.Seen on July 06, 2017

10. https://www.merriam-webster.com/dictionary/logogram .Seen on July 06, 2017

11. https://en.oxforddictionaries.com/definition/logogram ,seen on July 6, 2017

12. https://www.collinsdictionary.com/dictionary/english/syllabogram ,seen on July 6, 2017

13. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر. عربي- سنڌي آئيويٽا جو اڀياس. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. سال: 2016. ص: 27

14. مرزا، قليچ بيگ. سنڌي وياڪرڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. سال: 2006. ص: 75

15. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر. حوالو مٿيون ساڳيو. ص: 28